# عورتن جي خلاف

## رسم ۽ رواج تي ٻڌل تشدد کي روڪڻ

# جو قانون 2011ع




SPO
Strengthening Participatory Organization
ادارہ استحکام شرکتی ترقی

Trócaire

Australian Aid

Australian Government

# عورتن جي خلاف رسم ۽ رواج تي ٻڌل تشدد کي روڪڻ جو قانون 2011ع

## مُک نقطا

فوجداري قانون( ٽئين ترميم) قانون سال 2011ع

- **شق** 310 A **فوجداري قانون:** صلح بدل ،سڱ چٽي يا ڏي وٺ ۾ ڪنهن عورت کي شادي يا ڪنهن ٻئي حوالي سان ڏيڻ جي سزا گهٽ ۾ گهٽ ٽي سال ۽ وڌ کان وڌ ستن سالن تائين قيد هوندي ۽ پنج لک ڏنڊ جي به سزا ٿي سگهي ٿي . اهو ڏوهه ضمانت نه هجڻ جوڳو ۽ صلح جوڳو نه هوندو.

- **شق** 498 A **فوجداي قانون** : عورتن کي انهن جي وراثتي ملڪيت کان محروم ڪرڻ جي منع/جهل -وراثت جي ورهاڱي وقت ڪنهن عورت کي دوکي سان يا غيرقانوني طور تي ڪنهن متحرڪ يا غير متحرڪ ورثي ۾ حصي کان محروم ڪندڙ کي ڏهن سالن تائين قيد جيڪا ٿي سگهي پر اها پنجن سالن کان گهٽ نه هوندي ،ڏهه لک رپيا ڏنڊ يا ٻئي سزائون ملي سگهن ٿيون .اهو ڏوهه ضمانت نه ٿيڻ جوڳو ۽ صلح جوڳو نه هوندو.

- **شق** 498B **فوجداري قانون:** زوري جي شاديءَ کان روڪ -ڪنهن عورت کي ڌمڪيءَ يا ڪنهن ٻئي انداز ۾ ڌيڄاري شاديءَ لاءِ مجبور ڪندڙ کي وڌ کان وڌ 7 سال جي قيد يا گهٽ ۾ گهٽ 3 سال قيد ۽ پنج لک رپيا ڏنڊ جي سزا ڏني ويندي. اهو ڏوهه ضمانت نه ٿيڻ جوڳو ۽ صلح جوڳو نه هوندو.

- **شق** 498C **فوجداري قانون:** قرآن پاڪ سان شاديءَ کان روڪ -ڪنهن عورت کي قرآن پاڪ سان شاديءَ لاءِ مجبور ڪندڙ يا اهڙي شادي جو بندوبست ڪندڙ يا ان حوالي سان سهولت فراهم ڪندڙ کي 7 سالن تائين قيد جيڪا ڪنهن به صورت ۾ ٽن سالن کان گهٽ نه هوندي ۽ پنج لک رپيا ڏنڊ جي سزا ملندي. اهو ڏوهه ضمانت نه ٿيڻ جوڳو ۽ صلح جوڳو نه هوندو.